مائي جهرڪي ۽ ڪانگ خان

بشير ڀٽي

مائي جهرڪي ۽ ڪانگ خان

(ٻارن لاءِ نصيحت ڀريون ڪهاڻيون)

بشير ڀٿي

institute of sindhology

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي،

يونيورسٽي آف سنڌ

ڄامشورو

1995ع

[سهڪار: اڪادمي ادبيات اسلام آباد]

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي اشاعتي سلسلي جو ڪتاب نمبر 165

پهريون ايڊيشن سال 1995ع،
تعداد: 1000 ڪاپيون
ڪاپي رائيٽ © انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1995ع

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

سنڌ يونيورسٽي پريس، ايلسا قاضي ڪئمپس، حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو.

ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، يونيورسٽي آف سنڌ،
ڄام شوري سنڌ، پاڪستان مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

ٽائيٽل ڪور ڊزائين - سعيد منگي
اندريان اسڪيچ - علي اڪبر سومرو

قيمت: 15.00 رُپيا

ISBN 969-405-040-5

MAIE JHIRKI AIEN KANG KHAN
(Short Stories for Children In Sindhi)
by
Bashir Bhatti

Published by
Institute of Sindhology
University of Sindh Jamshoro.

In collaboration with
The Academy of Letters
Islamadad.

Printed by
Sindh University Press
University of Sindh,
Elsa Kazi Campus, Hyderabad.

All right reserved

First Edition 1995
Copyright © Institute of Sindholoy.
No of Copies 1000
Price Rs. 15.00

سنڌاءُ

	● پبلشرس پاران	(الف)
	● ليکڪ پاران	(ب)
1-	نالو ڪيئن قائم رکجي؟	1
2-	سڀ کان وڏي ملڪيت	4
3-	سڀ کان اعليٰ شيءِ ڪهڙي آهي؟	6
4-	ٻيڙيءَ جو واپار	11
5-	شهري ڪڪڙ ۽ ڳوٺاڻو ڪڪڙ	14
6-	گلاب جهڙا ڇوڪرا	17
7-	لڪل خزانو	20
8-	مائي جهرڪي ۽ ڪانگ خان	23
9-	نِت وڏن جو چيو مڃجي	26
10-	پولڙا ۽ چنڊ	30

پبلشر پاران

نصيحت ڀريا نقطا ۽ ڏاهپ ڀريون ڳالهيون هميشہ ٻارن جي ادب جو موضوع رهيا آهن؛ اهي موضوع پوءِ ڀلي آکاڻين جي صورت ۾ هجن يا شاعريءَ ۾، جانورن ۽ پکين جي آکاڻين جي اسلوب ۾ هجن يا مضمونن جي ڏانءُ ۾. اهڙا ڪتاب دنيا جي سطح تي سيني ٻارن لاءِ دلچسپيءَ جو سبب رهيا آهن، ايتري قدر جو انهن موضوعن تي لکيل آڳاٽا ڪتاب اڄ بہ ايترائي مقبول آهن جيترا پراڻي زماني ۾ هئا.

ٻارن جي دلچسپيءَ جي اهڙن ڪتابن شايع ڪرڻ جو پروگرام، هن اداري طرفان جاري آهي. هيل تائين ادارو تيرهن ڪتاب شايع ڪري چڪو آهي ۽ انهيءَ سلسلي جو هيءُ چوڏهون ڪتاب اسان کي پيش ڪندي خوشي محسوس ٿي رهي آهي. اُميد آهي تہ هيءُ ڪتاب ٻارن کي پسند ايندو.

هن ڀيري اسان محترم بشير ڀٽي جي لکيل ڏهن آکاڻين جو مجموعو پيش ڪري رهيا آهيون. هن مجموعي جي آکاڻين جا موضوع بہ اخلاقي، نصيحت ڀريان ۽ وندر ورونهن وارا آهن، جيڪي پڪ سان ٻارن لاءِ دلچسپ ۽ ڪارائتا ثابت ٿيندا.

18 سيپٽمبر 1995ع

ڊاڪٽر غلام علي الانا
ڊائريڪٽر
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

ليکڪ پاران

پيارا ٻارو! انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ پاران ڇپايل ٻارن لاءِ آکاڻين جو ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي. سنڌيءَ ۾ ٻاراڻي ادب جي کوٽ محسوس ڪندي، سنڌالاجيءَ ٻارن لاءِ دلچسپ ۽ نصيحت ڀرين ڪهاڻين ڇپائڻ جو جيڪو سلسلو شروع ڪيو آهي، هيءُ ڪتاب ان سلسلي جي ڀهرين ڪڙي آهي. اُميد اٿم ته ڪڙيءَ سان ڪڙي جُڙندي ويندي ۽ ائين هي سلسلو آئيندي به جاري رکيو ويندو.

مون پنهنجي پاران هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي، ته هن ڪتاب ۾ اهڙيون آکاڻيون شامل ڪيون وڃن، جن کي توهان نه رڳو دلچسپي سان پڙهو، پر انهن مان نصيحت پڻ پرايو. ان ريت انهن آکاڻين وسيلي توهان کي وندر ورونهن سان گڏوگڏ تعليم ۽ سکيا ڏيڻ به هڪ مقصد آهي.

انهن آکاڻين ۾ جيتوڻيڪ توهان کي سڌي طرح ڪابه نصيحت ڪيل نه آهي، پر انهن آکاڻين جو انداز اهڙو آهي، جو اهي پڙهي، توهان پاڻ محسوس ڪندا، ته ڪهڙي ڳالهه توهان لاءِ فائدي واري آهي ۽ ڪهڙي نقصان ڪار، جيئن توهين ان کان پاسو ڪري سگهو.

هن ڪتاب ۾ ڪجهه آکاڻيون سنڌيءَ جي آکاڻين جي ڪتابن مان کنيل آهن، جن کي نئين سر سنواري ۽ سڌاري پيش ڪيو ويو آهي. اميد ته توهان کي اها ڪوشش پسند ايندي.

آخر ۾ ننڍڙن دوستن کي اها گذارش آهي ته ڪتاب پڙهڻ کانپوءِ سنڌالاجيءَ کي خطن وسيلي پنهنجي راءِ ۽ تجويزن کان ضرور واقف ڪن، ته جيئن آئيندي توهان جي لاءِ اجا به بهتر وندر ورونهن پيش ڪري سگهون.

توهان جو پنهنجو

بشير ڀٽي

نالو ڪيئن قائم رکجي؟

سليمان کي هميشه اهو خيال رهندو هو ته سندس نالو سدائين قائم رهي. هو هميشه اهو سوچيندو رهندو هو ته اها ڪهڙي اٽڪل آهي، جنهن سان پنهنجو نالو سدائين-زنده رکي سگهجي ۽ هر هنڌ سندس نالي جي هاڪ هجي! اهو سوچيندو رهيو پر ڪيس اها ڳالهه اجا به سمجهه ۾ نه آئي ته پنهنجو نالو ڪيئن قائم رکي!

هڪ ڏينهن هو تڙ ڪرڻ لاءِ درياءَ تي ويو، اُتي واريءَ جا ڍِڳ لڳا پيا هئا. سليمان واريءَ اڳيان گوڏا کوڙي ويهي رهيو. واريءَ تي ابتا سبتا ليڪا ڪڍندي ڪيس خيال آيو ته هن واريءَ تي آڱر سان پنهنجو نالو لکي ڇڏجي، پوءِ درياهه جي سير لاءِ ايندڙ ويندڙ ماڻهو واريءَ تي لکيل سندس اهو نالو پڙهندا رهندا ۽ ائين سندس نالو سدائين لاءِ ٻين ماڻهن جي ذهن تي اُڪريل رهندو.

اهو سوچي هن پنهنجي آڱر سان واريءَ تي پنهنجو نالو لکيو ۽ پوءِ اُن کي پريان بيهي پڙهي ڏٺائين. ائين دير تائين اهو ڏسي خوش ٿيندو رهيو، پر پوءِ جڏهن درياءَ مان تڙ ڪري موٽيو ته سندس نالو ڍهي چڪو هو. اتان ڪيترائي ماڻهو ۽ جانور پئي لنگهيا، سو انهن جي پيرن هيٺيان اچي واريءَ تي ليڪي جو بچڻ محال هو!.

سليمان کي پنهنجو نالو ڊهي وڃڻ تي ڏاڍو ڏک ٿيو. اصل رئٽهارڪو ٿي ويو ۽ غمگين ٿي گهر موٽي آيو. ان کانپوءِ هڪ ڪوئلو کنيائين ۽ شهر جي اهم رستن جي پٿرن تي نهايت سهڻن ۽ چٽن اکرن ۾ پنهنجو نالو لکي آيو. ڪجهه ڏينهن ته اهو نالو قائم رهيو، پر هڪ ڏينهن شام جو شهر جي ننڍن وڏن ٻارن اچي سندس نالي تي ايتريون ته ليڪون ڪڍي ڇڏيون، جو سندس نالو ئي انهن ۾ لڪي ويو. ٻئي ڏينهن جڏهن پنهنجي نالي جو اهو حشر ڏٺائين، ته ڏک وچان سندس اکين مان لڙڪ وهي آيا ۽ پٽ تي ويهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ پئي رُنائين.

اوچتو سندس دل ۾ هڪ نئون خيال پيدا ٿيو. هڪ تيز چاقو ڪڍيائين ۽ وڃي هڪ وڻ جي ٿڙ تي پنهنجي نالي جا حرف اکيري ڇڏيائين. مالهيءَ کيس چيو ته جيئن جيئن اهو وڻ وڏو ٿيندو ويندو، تيئن تيئن اهي اکر به وڏا ٿيندا ويندا؛ پر سليمان اتي ئي بس ڪان ڪئي، شهر جي ديوار جي هڪ وڏي پٿر تي به ڪپ سان پنهنجو نالو اُکيري ڇڏيائين. ان وقت هڪ سنگتيءَ کيس چيو "هاڻي تنهنجو نالو بس پٿر تي ليکو اهي. اهو هاڻي سدائين قائم رهندو. پٿر تي لکيل نالي جو ڊهڻ ناممڪن آهي." اهو ٻڌي سليمان ڪپڙن ۾ ئي نه پئي ماپيو، ايتري خوشي ٿيس جو رات جو ننڊ به ڪين آيس.

هاڻي سليمان روزانو انهيءَ پٿر ۽ وڻ وٽ

وڃي پنهنجو نالو قائم ڏسي خوش پيو ٿيندو هو. اهڙيءَ ريت هڪ سال گذري ويو. هڪ ڏينهن اوچتو سخت طوفان لڳو. سوين وڻ پاڙئون پٽجي ويا. ٻئي ڏينهن سليمان وڃي ڏٺو ته سندس نالي وارو وڻ هيٺ زمين تي پيو آهي. مزور ان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ٻارڻ لاءِ ڪاٺيون تيار ڪري رهيا هئا. ويچاري نالي جي خواهشمند سليمان جو نالو به ڪپجي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو هو! .هو ڏسي سليمان ڏاڍو ملول ٿيو. سندس دل هڪ ڀيرو وري غمگين ٿي ويئي. اڃا اِهو درد ئي دور نه ٿيس، ته رات جو ڌرتيءَ ڌٻي ۽ اها ديوار جنهن تي سليمان جو نالو لکيل هو، اها به اچي پَٽ تي پيئي. ٻئي ڏينهن سليمان ٻاهر ويو ته وڃي ڏسي ته ان پٿر

جو ٻه ڪو نالو نشان ئي نه هو، جنهن تي ڪپ سان پنهنجو نالو اُڪيريو هئائين.

سليمان حيران پريشان هو ته هاڻي ڇا ڪريان؟ پنهنجو نالو ڪيئن قائم رکان! گهڻوئي مٿو هنيائين پر سندس عقل ڪم ڪرڻ کان جواب ڏيئي ڇڏيو. ائين ڪيترا ڏينهن گذري ويا پر سليمان جي دل ۾ اِهو خيال قائم رهيو ته آخر اهڙي ڪهڙي ترڪيب ڪجي جو پنهنجو نالو سدائين قائم رهي!

اجا انهيءَ سوداءَ ۾ هو ته هڪ ڏينهن هڪ پير مرد گڏجي ويس. جنهن ڪيس اداس ڏسي ڪانئس انهيءَ اداسيءَ جو سبب پڇيو.

سليمان جواب ڏنو ته منهنجو خيال آهي ته منهنجو نالو سدائين قائم رهي، پر ان لاءِ ڪوبه طريقو سمجهه ۾ نه ٿو اچي. اڳ ۾ جنهن به شيءِ تي نالو لکيم، اها ختم ٿي ويئي. هاڻي توهان ئي ٻڌايو ته آءٌ ڇا ڪريان؟

پير مرد ڪجهه دير سوچيو ۽ پوءِ چيائين: ”جيڪڏهن توکي نالي کي سدائين قائم رکڻ بابت ڪو طريقو ٻڌايو وڃي، ته ان تي عمل ڪندين“؟

سليمان اهو ٻڌي خوش ٿي ويو. چيائين: ”ڇو نه! توهان ٻڌايو، آءٌ ضرور ان تي عمل ڪندس.“ پير مرد ڪيس چيو: ”ٻچا، هيسيتائين تو پنهنجي نالي قائم رکڻ لاءِ جيڪي ڪجهه به پئي ڪيو، ان مان ڪجهه هٿ حاصل نه ٿيو آهي. ڪيترا ماڻهو توکان به اڳيرا ويندا آهن. اُهي اهڙا ڪم ڪندا آهن، جن کي ڏسي ماڻهو سندن ڳڻ ڳائڻ لڳندا آهن ۽ ائين سندن نالو سدائين ماڻهن جي دلين تي قائم رهندو آهي. جيڪڏهن توکي به پنهنجو نالو قائم دائم رکڻو آهي، ته پوءِ نيڪي ڪر! جنهن سان ٿي سگهي، تنهن سان ڀلائي ڪر؛ پنهنجو نالو ڪاغذن، پٿرن، وڻن ۽ پتين تي نه لک، پر ماڻهن جي دلين تي لک. ڪاغذ ڦاٽي پوندا، پٿر ڀُري ويندا، پتيون ڍهي وينديون، پر انسانن جي دلين تي چٽيل نالو قيامت تائين قائم رهندو. جيڪي چڱا ڪم ڪندا آهن، تن جو نالو ڪڏهن به وسرڻ جهڙو نه هوندو آهي، نالو نيڪي ۽ ڀلائي ڪرڻ سان ئي قائم رهندو آهي“.

اهو ٻڌي سليمان جون اکيون خوشيءَ وچان چمڪڻ لڳيون. سندس چهرو ٽڙي پيو. پير مرد کي چيائين: ”اي پير مرد! سچ ٿا چئو، توهان

جيءَ اها نصيحت هاڻي آءٌ ڪڏهن بہ نہ وساريندس. آئون سنا ڪم ڪندس ۽ ائين ٻين سان ڀلائي ڪري ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس!“

سڀ کان وڏي ملڪيت

ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪ فقير رهندو هو. هو سڄو ڏينهن پيو پنندو هو ۽ جيڪي ملندو هوس، سو ڪائي ٻي سمهي رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن فقير کي پنهنجي زندگيءَ تي رحم بہ ايندو هو، پر پنڻ تي جو هِري ويو هو، سو ڪانئس پورهيو ڪري پيٽ گذر ڪرڻ پُڄندو ئي ڪونہ هو!

هڪ ڏهاڙي هو جيئن ئي هڪڙي رستي آڏو ويهي پني رهيو هو، تہ هڪ مسافر اچي اتان

تون مونکي پنهنجو ساڄو هٿ هڪ هزار روپين ۾ وڪڻندين؟".

فقير چيو: "واهہ! ڀلا هٿ بہ ڪا وڪڻڻ جي شيءِ آهي؟"

مسافر چيو: "آءٌ توکي چار هزار رپيا تو ڏيان، تون پنهنجا ٻئي هٿ مون کي ڏي!"

فقير چيو: "نہ، نہ، آءٌ توکي پنهنجا هٿ نٿو وڪڻي سگهان. هٿ نہ هوندا تہ ڪائيندس ڪيئن، سامان سڙو ڪيئن کڻندس؟".

تنهن تي مسافر وري چيو تہ، "چڱو هٿ نہ، تہ پنهنجا ٻئي پير ڪٽي مونکي ڏهہ هزار رپين ۾ وڪڻ!"

"نہ – نہ!" فقير وري بہ انڪار ڪيو ۽ چيائين تہ، "پير نہ هوندا تہ پوءِ آءٌ هلندس ڪئين؟"

مسافر ويهہ هزار رپين ۾ فقير جا ڪن ۽ چاليهہ هزار رپين ۾ فقير جون اکيون خريدڻ لاءِ تيار ٿي ويو.

فقير کي ڏاڍي چڙ لڳي- چيائين: "ابا وڃ، وڃ! چو اچي مون غريب جي پنيان پيو آهين!"

تنهن تي مسافر چيو: "ڪهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرين؟ ڀلا جنهن وٽ چئن هزار رپين جا هٿ، ڏهن هزار رپين جا بہ پير، ويهہ هزار رپين جا ڪن ۽ چاليهن هزار رپين جون اکيون هجن. اهو غريب ڪيئن هوندو؟. اڙي تون تہ دنيا جو هڪ شاهوڪار ماڻهو آهين!"

اهو ٻڌي فقير جون اکيون کلي پيون ۽ هو شرم وچان مسافر جي پيرن تي ڪري پيو ۽ چيائين: "اي نيڪ انسان، سچ پچ تہ اڄ تو مون

لنگهيو. فقير ڪيس ٻاڏائيندي چيو: "سائين، غريب جو ڀلو ڪريو، ڏٺي توهان جو بہ ڀلو ڪندو!"

مسافر اهو ٻڌي بيهي رهيو ۽ فقير کي چيائين: "ٺيڪ آهي، آءٌ تنهنجو ڀلو ڪرڻ لاءِ تيار آهيان – پر تون پنهنجون ڪي شيون مون کي وڪڻندين؟"

فقير صفا وائڙو ٿي ويو. ڀلا هن وٽ وڪڻڻ لاءِ هو ڇا؟ سو مسافر کي ڏسي چيائين: "ڀائو ڇو ٿو مون غريب سان چرچا ڪرين!."

مسافر چيو: "آءٌ چرچو ڪونہ پيو ڪريان–

ڪي هڪ نئين راهہ ڏيکاري آهي.

ڏڻي تعاليٰ مون تي هيڏو ڪرم ڪيو آهي ۽ آءٌ اجا پيو ٻين کان پنان ! مون کي معاف ڪر!"

مسافر ڪيس ٻانهن کان جهلي اُٿاري چيو: "فقير، جيڪي ٿيو تنهن کي وساري ڇڏ، اجا بہ وقت آهي تہ ڏڻي تعاليٰ توکي هيءَ جيڪا دنيا جي سڀ کان وڏي ملڪيت يعني عضون جي سلامتي ڏني آهي، تنهن کان ڪم وٺ. اها جيڪا تو وٽ دولت آهي، ان مان تون گهڻو ئي لاڀ پرائي سگهين ٿو!".

سڀ کان اعليٰ شيءِ ڪهڙي آهي؟

اڪبر بادشاهہ جي وزيرن مان بيربل جو نالو مشهور آهي. هڪ دفعي بيربل نالي اهو وزير جيئن دربار مان گهر ٿي ويو، تہ رستي تي هڪ غريب ڇوڪرو وڻ هيٺ ويٺل ڏٺائين، جنهن ڪٽو ڪري ڀڳڙا ٻي ڪاڏا.

بيربل اهو ڏسي عجب مان ڇوڪري کان پڇيو: "هڪ هڪ داڻو ڪري ڇو ٿو کائين؟ مُٺ ڪن ڀڳڙا مس اٿئي، هڪ ٻن ڦڪن سان ڇو نہ ٿو ختم ڪرين؟"

ڇوڪرو ڀهريائين تہ وزير کي ڏسي سانت

۾ پئجي ويو، پوءِ آهستي جواب ڏنائين: ”وزير صاحب! آءُ ڪيترن ڏينهن کان بکايل آهيان. هي مُٺ کن ڀڳڙا مون لاءِ ڪافي نہ آهن. ان لاءِ هڪ هڪ ڪري ٿو کان تہ من ان ريت ڪجهہ دل کي آٿت ملي! بيربل اها وراڻي ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڇوڪر کي پنهنجي گهر وٺي ويو. اتي ڇوڪر کي عمدو کاڌو ملڻ لڳو ۽ پهرڻ لاءِ سٺا ڪپڙا مليس. سندس رهڻ لاءِ هڪ جدا ڪمرو رکيو ويو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ ڇوڪري جي حالت بهتر ٿي ويئي ۽ سندس چهرو ٻهڪڻ لڳو. بدن خوبصورت ٿي پيس. جيڪو ڪيس ڏسندو هو، سو خوش ٿيندو هو.

چوندا آهن تہ اڪبر بادشاهہ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن وزيرن کان ڏاڍا ڏکيا سوال ڪندو هو. هڪ ڏينهن بيربل کي چيائين: ”بيربل ٻڌاءِ! دنيا ۾ سڀ کان اعليٰ شئي ڪهڙي آهي؟“

بيربل جواب ڏنو: ”بادشاهہ سلامت! سوال ڏاڍو ڏکيو آهي. جواب ڏيڻ لاءِ هڪ مهيني جي مهلت ملي.“ بادشاهہ مهلت تہ ڏنس، پر ساڳئي وقت ائين بہ چيائينس تہ، جي ان عرصي کانپوءِ مونکي صحيح جواب نہ مليو تہ توکي قتل ڪرايو ويندو.

بيربل هاڻي ڏينهن رات اداس رهڻ لڳو. هر وقت انهيءَ سوچ ۾ هوندو هو تہ ڇا ڪريان ۽ اهو ڪيئن معلوم ٿئي تہ دنيا ۾ سڀ کان اعليٰ شئي ڪهڙي آهي؟ ڪنهن چيس تہ سونهن، تہ ڪنهن چيس تہ دولت- ڪنهن ٻڌايس تہ تندرستي، ڇاڪاڻ تہ جيءُ آهي تہ جهان آهي! مطلب تہ جنهن کي جيڪي آيو تنهن اُهو چئي ڏنو. آخر هڪ شخص چيس تہ اهو سڀ غلط آهي. دنيا ۾ سڀ کان اعليٰ شئي اسان جي پنهنجي هلت چلت آهي. ڪنهن ٻئي چيو تہ ائين نہ آهي، حڪومت ئي دنيا ۾ سڀ کان اعليٰ شئي آهي. ڪنهن ٻڌايس تہ دنيا ۾ سڀ کان اعليٰ شئي آهي دل جي خوشي! بيربل هونئن تہ پاڻ بہ عقلمند هو، پر ڪيس انهن مان ڪوبہ جواب پسند نہ آيو. جيئن جيئن مهيني جا ڏينهن گذرندا ٿي ويا، تيئن تيئن سندس ڳڻتي وڌندي پئي ويئي ۽ ڪيس پڪ ٿي ويئي تہ هاڻي موت جو ڏينهن اچي ويجهو پهتو آهي! نيٺ ٢٩ ڏينهن گذري ويا ۽ باقي وڃي هڪ آخري ڏينهن بچيو. هاڻي تہ حوصلو رکڻ جي باوجود بيربل جي اکين مان بہ لڙڪ وهي آيا. ڀلا اکين ڏٺو موت ڪنهن کي وڻندو! بيربل کي اها تہ خبر هئي تہ بادشاهہ جيڪا ڳالهہ ڪندو آهي، تنهن تي عمل ضرور ڪندو آهي.

اڃا ان فڪر ۾ هو تہ ايتري ۾ ان ڇوڪري اچي ڪانئس روئڻ جو سبب پڇيو - بيربل چيو: ”پٽ، ڇا تو پڇين - سڀاڻي منهنجي حياتيءَ جو پويون ڏينهن آهي، ان لاءِ تو روئان!“...

ڇوڪري پڇيس: ”پر ڇو؟ اوهان ڪهڙو گناهہ ڪيو آهي!“ بيربل پيرائتي ڳالهہ ڪري ٻڌايس.

ڇوڪري ڪجهہ سوچي جواب ڏنو تہ، اهو تہ بلڪل معمولي سوال آهي. اوهين سڀاڻي دربار ۾ وڃي بادشاهہ کي چئجو تہ سڀ کان اعليٰ شئي آهي ”عقل“.

بيربل کي ڇوڪري جي ڳالهہ دل سان

آئڙي. پڪ تيس تہ هاٿي جان بچي ويندي. ٻئي ڏينهن دربار ۾ ويو تہ سندس دل بلڪل بهار هئي.

بادشاهہ تخت تي ويهڻ شرط پڇيو: "بيربل، ٻڌاءِ دنيا ۾ سڀ کان اعليٰ شيءِ ڪهڙي آهي؟"

بيربل اتي بيهي هٿ ٻڌي جواب ڏنو: جيئندا قبلا! "دنيا ۾ سڀ کان اعليٰ شيءِ آهي عقل، بادشاه خوش ٿي چيو تہ: بيربل، سچ چيو اٿئي، دنيا ۾ واقعي سڀ کان اعليٰ شئي عقل آهي- پر هينئر ٻڌاءِ تہ عقل کائيندو ڇا آهي؟" ان لاءِ بہ توکي هڪ مهيني جي موڪل ڏني ٿي وڃي ۽ هن ڀيري بہ شرط اهو آهي تہ جيڪڏهن جواب صحيح نہ هوندو، تہ تنهنجو ڪنڌ ڪپيو ويندو!"

اهو ٻڌي بيربل جو تہ هوش ئي گم ٿي ويو. ڪيس پڪ ٿي تہ هاٿي موت کان بچڻ مشڪل آهي.

ڏينهن رات سوچيندو رهيو، پر ڪو خيال دماغ ۾ نہ آيس. وري بہ غافلن کان پڇندو رهيو، ڪنهن چيس باداميون کائيندو آهي، ڪنهن چيس تہ عقل گيهہ کائيندو آهي. ڪنهن چيس تہ عقل کير پيئندو آهي؛ هڪ شخص چيس تہ عقل مار کائيندو آهي؛ هڪ ٻئي شخص چيس تہ عقل جي خوراڪ محبت آهي؛ هڪ عالم چيس تہ عقل جي خوراڪ ڪتاب آهي.

بيربل هر هڪ جواب کي عقل جي ڪسوٽيءَ تي پرکي ڏٺو، پر ڪو بہ جواب سمجهہ ۾ نہ آيس. بيربل وري بہ مايوس ٿي ويو. مهيني جو پويون ڏينهن آيو، تہ ڪٿ اونڌي ڪري ليٽي پيو. سڄي محفل ۾ گوڙ ٿي ويو. ڇوڪري جي

ڪن تي بہ اها ڳالهہ پيئي. هن اچي بيربل کان پڇيو: "سائين، توهان جي اداسيءَ جو سبب ڇا آهي؟. بيربل غمگين آواز ۾ چيو: "پُٽ! بادشاهہ جيڪو پهريون سوال ڏنو هو، تنهن جو جواب ٻڌائي تو منهنجي جان بچائي هئي، پر هينئر جيڪو سوال پڇيو اٿس، تنهن جو جواب نهايت اڻانگو آهي. تون بہ ٻڌائي ڪونہ سگهندين!"

ڇوڪر پڇيو: "سوال ڪهڙو آهي"؟

بيربل وراڻيو: "سوال اهو آهي تہ عقل کائيندو ڇا آهي؟"

ڇوڪري جواب ڏنو: "هي سوال تہ پهرين کان بہ وڌيڪ سولو آهي. بادشاهہ کي وڃي ٻڌايو تہ عقل جي خوراڪ فڪر آهي. فڪر اهي ئي ڪندا آهن، جيڪي داناء آهن. جن جي مٿي ۾ دماغ ۽ دماغ ۾ عقل نہ آهي، اهي فڪر ڪري ڪونہ سگهن، نہ ڪڏهن اهي فڪر ڪن، نہ ڪين ڪا عقل جي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي!"

اهو ٻڌي بيربل کي بہ پيٽ ۾ ساهہ پيو. اهو جواب بلڪل درست لڳس. ٻئي ڏينهن دربار ۾ ويو تہ ڇهري تي رونق ڇانيل هئس. مقرر وقت تي اڪبر بادشاهہ تخت تي ويٺو ۽ يڪدم پڇيائين: "بيربل، منهجي سوال جو جواب معلوم ڪيئي؟"

بيربل ادب سان ڪنڌ جهڪائي جواب ڏنو: "جيئندا قبلا، دنيا ۾ سڀ کان اعليٰ شئي عقل آهي ۽ ان جي خوراڪ فڪر آهي."

اهو ٻڌي اڪبر بادشاهہ هڪ ڀيرو وري بہ خوش ٿي ويو. چيائين: "بيربل سچ ٿو چوين. سچ پچ عقل جي خوراڪ فڪر آهي. پر اهو تہ ٻڌائي

تہ عقل پيئندو چا آهي؟ ان لاءِ آءُ توکي وري ٻہ هڪ مهيني جي مهلت ڏيان ٿو. شرط توکي اڳ ۾ ئي معلوم آهي."

بيربل مٿان تہ ڄڻ وڄ ڪري پيئي. خيال ڪيائين تہ ٻہ ڀيرا تہ ڇوڪر منهنجي جان بچائي آهي، پر هن ڀيري سوال ڏاڍو ڏکيو آهي. ان جو جواب اهو ڇوڪر بہ ڏيئي ڪونہ سگهندو! ڪيترن ڏينهن تائين غور ڪندو رهيو تہ عقل پيئندو ڇا آهي، پر ڪوبہ تسليءَ وارو جواب معلوم نہ ٿيس. وري بہ داناءُن ڪان پڇيائين، ڪنهن چيس عقل نصيحتون پيئندو آهي؛ ڪنهن ٻڌايس تہ عقل تجويز ۽ تجربو پيئندو آهي. مطلب تہ ڪنهن ڪجهہ ٻڌايس ۽ ڪنهن ڪجهہ، پر بيربل کي ڪوبہ جواب نہ وڻيو. نيٺ جڏهن مهينو پورو ٿيڻ تي هو، تہ وري بہ ڇوڪر ڪان پڇيائين: "پُٽ، بادشاهہ سلامت وري بہ پڇيو آهي تہ عقل پيئندو ڇا آهي ۽ ڇا توکي ان ڏکئي سوال جي جواب جي بہ خبر آهي؟"

ڇوڪري جواب ڏنو:" سائين، اوهين هن ڀيري بہ ڳڻتي نہ ڪريو. رات جو آرام سان ننڊ ڪريو. سڀاڻي جڏهن دربار ۾ وڃو: تہ بادشاهہ کي جواب ڏجو: تہ عقل پيئندو آهي غصو ۽ ڪاوڙ. ڪاوڙ ڪي اهو ئي پي سگهندو جيڪو عقلمند آهي. نادان ماڻهو تہ ٿوري گهٽي ڳالهہ تي وڙهيو پون. پنهنجي ۽ پنهنجن عزيزن جي زندگي برباد ڪريو ڇڏين ۽ ملڪ جو بہ هاڃو ڪن".

بيربل جواب ٻڌو تہ عقل ئي دنگ رهجي ويس. سوچيائين تہ هي ننڍڙو ڪهڙو نہ قابل ۽ سمجهو آهي! سندس نظر ۾ ڇوڪري جي عزت اڃا بہ وڌي ويئي. صبح ٿيندي ئي دربار ۾ وڃي اهوئي جواب ٻڌايائين. اڪبر بادشاهہ وري بہ خوش ٿي ويو ۽ چيائين: "بيربل، سچ پچ تہ تون وڏو عقلمند ۽ داناءُ آهين. منهنجا سوال برابر ڏکيا هئا، پر تو انهن جا جواب بہ بلڪل ٺيڪ ڏنا. آءُ ڏاڍو خوش ٿيو آهيان؛ پر هڪ سوال اڃا باقي آهي. اميد اٿم تہ ان جو جواب پڻ تون ٻڌائي ويندين. اهو سوال هيءُ آهي تہ عقل جي شڪل ڪهڙي آهي؟ هڪ مهينو وري بہ وڃي ان ڳالهہ تي سوچ ۽ واپس اچي ان جو جواب مون کي ٻڌاءِ. بس، اهو آخري سوال آهي ۽ تنهنجي حياتيءَ جو دارومدار بہ ان جي جواب تي آهي."

بيربل سوچيو تہ هاڻي بچڻ محال آهي. ڇوڪري ڏاڍن ڏکين سوالن جاجواب ڏنا آهن، پر هن سوال جو تہ جواب ملڻ ممڪن ئي ڪونهي. عقل جي شڪل ڪهڙي آهي؟ بيربل کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ ئي نہ آهي.

ڪنهن چيس عقل جي شڪل هڪ حور پري جهڙي آهي، جيڪا هوا ۾ اڏامندي آهي ۽ ڌرتيءَ جي رهواسين تي رحمتن ۽ برڪتن جو مينهن وسائيندي آهي.

ڪنهن چيس تہ عقل جي شڪل هڪ ديويءَ جهڙي آهي، جيڪا هڪ هٿ سان ستار وڄائيندي آهي ۽ ٻئي هٿ ۾ ڪتاب هوندا اٿس ۽ اها هڪ خوبصورت هنج پکيءَ تي سوار ٿي تلاءَ ۾ ترندي رهندي آهي.

ڪنهن چيس تہ عقل جي شڪل هڪ چابيءَ جهڙي آهي، جيڪا بند تجوڙين جا تالا کولي ٿي.

مطلب تہ جيترا هئا وات، تيترريون هيون ڳالهيون - پر بيربل کي ڪابہ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي. نيٺ وري بہ ان ڇوڪر کي سڏائي چيائين: "پُٽ! هاڻي اهو تہ ٻڌاءِ تہ عقل جي شڪل ڪهڙي ٿيندي آهي؟"

ڇوڪر جواب ڏنس: "سڀاجها سائين، ان جو جواب آءٌ زباني تہ سمجهائي نہ ٿو سگهان، پر جيڪڏهن توهين اجازت ڏيو تہ توهان سان گڏجي دربار ۾ هلان ۽ هلي بادشاهہ جي سامهون عقل جي شڪل ڪري ڏيکاريان. اوهان ڪان جڏهن پڇي تہ عقل جي شڪل ڪهڙي آهي، تہ بنا ڪنهن ڊپ ڊاءُ جي جواب ڏجو، تہ ان جو جواب هن ڇوڪري وٽ آهي. ان ڪانپوءِ جيڪي ٿيندو، ان کي آءٌ پاڻهي پُڄندس." بيربل ائين ئي ڪيو ۽ دربار ۾ وڃي چيائين: "بادشاهہ سلامت! اوهان جي آخري سوال جو جواب منهنجو هي ڇوڪر ڏيندو.

بادشاهہ ڪنڌ ڌوڻي رضامنديءَ جو اظهار ڪيو. ڇوڪرو دربار ۾ شهزادن جهڙي پوشاڪ پهري آيو هو ۽ ڏاڍو سهڻو پئي لڳو. دربار ۾ حاضر ٿي ادب سان سلام ڪيائين ۽ چپ چاپ بيهي رهيو. اڪبر بادشاهہ پڇيو "ڇوڪرا! توکي معلوم آهي تہ عقل جي شڪل ڪهڙي آهي؟"

ڇوڪر جواب ڏنو: "جي ها، بادشاهہ سلامت!

بادشاهہ چيو: "تہ پوءِ جلد ٻڌاءِ."

ڇوڪر چيو: "سائين هڪ عرض آهي."

بادشاهہ پڇيس: "ڪهڙو؟"

ڇوڪر چيو: "آءٌ سوال جو جواب بہ ڏيندس ۽ عقل جي شڪل بہ ڏيکاريندس، پر ان لاءِ ضروري آهي تہ مون کي هڪ ڪلاڪ لاءِ بادشاهي ڏني وڃي ۽ سيني زيردستن کي حڪم ڏنو وڃي تہ هو ان هڪ ڪلاڪ دوران منهنجي حڪمن جي بہ اهڙي نموني تعميل ڪن، جيئن توهان جي حڪمن جي ڪن ٿا."

بادشاهہ ڪجهہ وقت خيال ڪري جواب ڏنو: "مونکي منظور آهي."

ڇوڪر چيو تہ پوءِ سائين هيٺ لهي اچو. هن گهڙيءَ کان وٺي هڪ ڪلاڪ تائين تخت منهنجو آهي." بادشاهہ ائين ئي ڪيو ۽ تخت تان هيٺ لهي آيو.

ڇوڪرو شاهاڻي شان سان تخت تي چڙهي ويهي رهيو. تاج سندس مٿي تي رکيو ويو. سڀ درباري اچرج ۾ پئجي ويا. اوچتو ڇوڪرو جوش ۾ اٿي بيٺو ۽ جلاد کي سڏڻ لڳو. ماڻهن جو ساهہ سڪي ويو. يڪدم جلاد اڳيان اچي بيٺو ۽ ڪنڌ جهڪائي حڪم ٻڌڻ لاءِ منتظر رهيو.

ڇوڪر اڪبر بادشاهہ ڏانهن اشارو ڪندي چيو: "هي قاتل آهي، ڪيس يڪدم گرفتار ڪيو وڃي! دربار ۾ واويلا مچي ويئي- سپاهين تلوارون مياڻ مان ڪڍڻ شروع ڪيون، پر ڇوڪر سآڳئي دٻدٻي سان رڙ ڪندي چيو "خبردار، اجا آءٌ بادشاهہ آهيان ۽ منهنجي بادشاهيءَ جو وقت پورو نہ ٿيو آهي، ان جو شاهد جلال الدين اڪبر پاڻ آهي. جيستائين آءٌ بادشاهہ آهيان، توهان کي منهنجوئي حڪم مڃڻو پوندو!"

اڪبر هٿن سان سپاهين کي اشارو ڪيو، سپاهين پنهنجون تلوارون واپس مياڻ ۾ وجهي

چڙيون.

ڇوڪر جلاد کي چيو: ”يڪدم پنهنجي تلوار ٻاهر ڪڍ!“.

پوءِ اڪبر بادشاهه ڏانهن اشارو ڪري چيائين: ”توهان پنهنجو ڪنڌ جهڪايو!“

بادشاهه ائين ئي ڪيو. ڇوڪر چيو: ”بادشاهه سلامت! ڏسي ورتو. عقل جي اهائي شڪل آهي: آءٌ غريب ڇوڪرو آهيان، پر هينئر هندوستان جي تخت تي ويٺو آهيان. اوهين بادشاهه آهيون پر بيوس! اهو عقل آهي. جيڪو هن ريت ادنيٰ کي اعليٰ ۽ اعليٰ کي ادنيٰ بڻائي ٿو. اهائي عقل جي شڪل آهي!“.

ڇوڪر جي انهن عقلمنديءَ وارن جملن مٿس ڏاڍو اثر ڪيو، چيائين: ”بيشڪ تون سچ ٿو چوين!“ پوءِ بيربل کي معاف ڪري، ڇوڪر کي ڏاڍا انعام اڪرام ڏيئي روانو ڪيائين.

ٻُڍڙيءَ جو واپار

هڪ ٻُڍڙي مائيءَ هڪ واپاريءَ کي چيو ته، دل تي چوي ته جيڪر ڪجهه رپيا واپار ۾ لڳايان، پر مون کي واپار جو ٻنهه آزمودو ڪونهي- جي تون مون کي پنهنجي آزمودي مان ڪجهه فائدو ڏيئي سگهين، ته تنهنجي وڏي مهرباني!“

واپاريءَ جواب ڏنو ته، ”واپار جو بنيادي اصول اهو آهي، ته جي ڏنل رقم اصل ونجي ئي نه، ته هر ڇهن مهينن کان پوءِ اها ٻيڻي ٿي پوندي آهي.“

ٻڍڙيءَ پڇيس: ”تنهنجو واپار اِنهيءَ قسم

جو آهي ڇا؟

واپاريءَ جواب ڏنس: ”سچ پڇ، منهنجو ته نمونو اهو آهي، ته جيڪا رقم واپار ۾ لڳايان ٿو سا هر ڇهن مهينن ڪانپوءِ ٻيڻي ٿيو پوي. اهوئي ته سبب آهي، جو ٿوري ئي عرصي ۾ ٿي جڳهيون خريد ڪيون اٿم؛ ٻن پٽن جي شادي ڪئي اٿم ۽ بابو جيڪو قرض ڇڏي ويو هو، سو به لاٿو اٿم.

اهو ٻڌي ٻُڍڙيءَ جي دل پڻ سرڪي ويئي. جهٽ پٽ پنهنجي چادر مان هڪ ٽڪو چوڙي واپاريءَ کي هٿ ۾ ڏيئي چيائين ته، ”پٽ، منهنجو هي ٽڪو به پنهنجي واپار ۾ لڳائي ڇڏ. آءٌ جڏهن موٽي ايندس تڏهن حساب ڪري جيڪي ٿيو، سو توکان وٺنديس!“.

ٻُڍڙيءَ جي اها ڳالهه ٻڌي واپاري واڻڙو ٿي ويو، پر نرم دل ماڻهو هو سو ٻُڍڙيءَ جي دل کي صدمو پهچائڻ نه ٿي چاهيائين؛ تنهنڪري سندس ٽڪو پنهنجي واپار ۾ لڳائي ڇڏيائين.

اٺين ٻارنهن سال گذري ويا. واپاريءَ کان ٻُڍڙيءَ واري ڳالهه ئي وسري ويئي هئي.

اوچتو هڪ ڏينهن اها ٻُڍڙي سندس دوڪان تي چڙهي آئي ۽ ڪيس چوڻ لڳي ته، ”منهنجو حساب صاف ڪر!“

واپاري حيران ٿي ويو. گهڻوئي ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر ياد نه آيس ته هن ٻُڍڙيءَ جي ڪهڙي رقم واپار ۾ لڳائي هئائين! نيٺ جڏهن ٻُڍڙيءَ پار پتا ڏيئي سڄي ڳالهه ياد ڏياريس، تڏهن واپاريءَ چيو ته، ”بيشڪ مون تنهنجو ٽڪو واپار ۾ لڳايو آهي ۽ مون توسان اهو به اقرار ڪيو هو ته تنهنجو ٽڪو هر ڇهن مهينن کان پوءِ ٻيڻو ٿي ويندو.“

ٻُڍڙي اها ڳالهه ٻڌي گهڻو خوش ٿي ۽ چيائينس: ”چڱو، هاڻي منهنجو حساب صاف ڪر، عمر گهڻي گذري ويئي آهي، نه ڄاڻ ڪڏهن موت اچي! متان منهنجي سموري رقم ئي نه گم ٿي وڃي.“

واپاريءَ کيس ٻه رپيا ڪڍي ڏنا- ٻُڍڙيءَ وٺي گوڙ ڪيو، چيائين: ”ادا، ڪجهه خدا جو خوف ڪر، ڇو ظلم ٿي ڪٽي سندرو ٻڌو اٿئي، جو مون غريب رن زال جي رقم ڦٻائڻ ٿو چاهين!“

گوڙ تي آس پاس جا دوڪاندار اچي گڏ ٿيا ۽ پڇڻ لڳا ته آخر ڳالهه ڇا آهي؟.

ٻُڍڙيءَ کين پيرائتي ڳالهه ڪري ٻڌائي ۽

کين چوڻ لڳي ته هينئر هي واپاري منهنجو حساب نه ٿو ڪري ۽ مون کي ڇڙا ٻه روپيا ڏيئي ٽارڻ ٿو گهري ۽ منهنجو پائي پائيءَ جو حساب ٿيڻ گهرجي ۽ جيڪي ٻه منهنجو وٽس ٿئي مون کي ڏياريو وڃي!

هڪ دوڪاندار انهيءَ واپاريءَ کي چيو: ”ٻُڍڙي ٺيڪ ٿي چوي. تون حساب ڇو نه ٿو ڪري ڏينس؟“

واپاريءَ جواب ڏنو: ”تون ئي مس قلم کڻي حساب ڪري وٺ. ١٢ سالن جون ٿيون ٢۴ ڇهه ماهيون. انهيءَ حساب سان سندس ٽڪو ٢۴ دفعا ٻيڻو ٿيندو ويندو.“

اهو ٻڌي ٻُڍڙي چوڻ لڳي: ”تنهنجا ٻچا جيئن، مان ٻه ائين ئي ٿي چوان - بس ويهي حساب ڪريو.“

سو سائين، هاڻي حساب ٿيڻ لڳو. ٻڍڙيءَ جو ٽڪو هر ڇهين مهيني ڪانپوءِ ٢۴ ڀيرا اجهو هينئن ٿي وڌيو:

پهرئين ڇهين مهيني هڪ آنو، ٻئي ڇهين مهيني ٻه آنا، ٽئين ڀيري ۴ آنا، چوٿين ڀيري اٺ آنا، پنجين ڀيري هڪ رپيو، ڇهين ڀيري ٻه رپيا، ستين ڀيري ۴ رپيا، اٺين ڀيري ٨ رپيا، نائين ڀيري ١٦ رپيا، ڏهين ڀيري ٣٢ رپيا، يارهين ڀيري ٦۴ رپيا، ٻارهين ڀيري ١٢٨ رپيا، تيرهين ڀيري ٢٥٦ رپيا، چوڏهين ڀيري ٥١٢ رپيا، پندرهين ڀيري ١٠٢۴ رپيا، سورهين ڀيري ٢٠۴٨ رپيا، سترهين ڀيري ۴٠٩٦ رپيا، ارڙهين ڀيري ٨١٩٢ رپيا، اڻويهين ڀيري ١٦٣٨۴ رپيا، ويهين ڀيري ٣٢٧٦٨ رپيا، ايڪيهين ڀيري ٦٥٥٣٦ رپيا، ٻاويهين ڀيري ١٣١٠٧٢ رپيا، ٽيويهين ڀيري ٢٦٢١۴۴ رپيا ۽ چوويهين ڀيري ٥٢۴٢٨٨ رپيا.

ائين ٻُڍڙيءَ کي حساب ڪتاب صاف ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ ٽڪي جي عيوض پنج لک چوويهه هزار ٻه سئو اٺاسي رپيا مليا ۽ ويچاري واپاريءَ جو جُهڳو ئي جَهڻ ٿي ويو!



شهري ڪُئو ۽ ڳوٺاڻو جو ڪُئو

هڪڙو سادڙو ۽ پورڙو ڳوٺاڻو ڪُئو هو، تنهن کي گڏجڻ لاءِ هڪ سهڻو ۽ سگهارو شهري ڪُئو ويو. ٻنهي ڪُئن جي پاڻ ۾ ننڍي هوندي کان گهاٽي سنگت هوندي هئي. تنهن ڪري ٻهراڙيءَ جي ڪُئي پنهنجي سنگتي ڪئي جون ڏاڍيون خدمتون چاڪريون ڪيون. جيڪي شيون گهر ۾ هُئس سي تہ ڪڍيائين پر اوسي پاسي جي پوکن مان ڪُوئنرا سنگ، جَوَن جو اٽو، مانيءَ جو ڀور ۽ هڪ چڱي پڪل صوف جو ٽڪر مزمان جي اڳيان آڻي رکيائين.

انهيءَ ريت سڄي ڳوٺ ۾ گهمي ڦري، ڏک پٽي، پيون بہ ڪيتريون شيون ڪٺي آيو ۽ شهري ڪُئي کي اچي ڪارايائين. پوءِ بہ دل ۾ چوڻ لڳو تہ متان دوست کي ڪا شئي گهٽ نہ لڳي! تنهنڪري شرمندو ٿي نوڙت سان چوڻ لڳو: "ادا ڪُئا، اسين رهون ٻهڙاڙيءَ ۾، توهين شهر جا



ڪُئا آهيو، الائجي اسان جو آدرياءُ توهان کي وڻيو به يا نه؟!"

شهري ڪُئي کي ته اڳ ۾ ئي ٻهراڙي ۽ ٻهراڙيءَ واري ڪُئي جون آنڊل شيون پسند ڪونه آيون هيون، تنهن ڪري ٻهراڙيءَ جي ڪُئي کي چوڻ لڳو: "ادا، جي موڪل ڏين ته سچي ڳالهه ڪولي ڪٽي ٻڌايانءِ. ڀلا ههڙي ٻيڙي جاءِ ۾ تون گذارين ڪيئن ٿو؟! هي جهنگ ۽ چوڌاري گاهه ۽ وڻ ۽ جبل ۽ نيون- انهن ڪانسواءِ ته ٻيو ڪي به ڪونه ٿو نظر اچي، تنهن ڪري منهنجي ته صلاح اٿئي ته شهر هلي رهه- اتي تون ڏاڍو سکيو ٿيندين ۽ مزا ماڻيندين- اتي جو ماحول ايترو ته وڻندءِ جو ٻهراڙيءَ کي اصل وساري ويهندين! هن جهان فانيءَ ۾ اک ڇنڀ رهڻو آهي، تنهن ڪري جيڪو دم گذارجي، سو خوش ٿي گذارجي!".

شهري ڪُئي جون اهڙيون مِٺيون مِٺيون ڳالهيون ٻڌي، ٻهراڙيءَ جي ڪُئي جي به دل سِرڪي پيئي. پوءِ ٻئي اتان نڪتا ۽ رات پيئي تڏهن اچي شهر ۾ گهڙيا. اچا اڳيرا ويا ته هڪڙي وڏي حويلي ڏٺائون. اتي هڪ ڏينهن اڳ ڪا شادي ٿي هئي، سو اچا تائين شاميانا لڳل هئا ۽ رنگ برنگي جِهرمِر ڪندڙ بلب ٻري رهيا هئا. هو ٻئي حويليءَ مان ٿيندا وڃي رڌڻي ۾ ٻيٺا. اتي طرحين طرحين جون شيون رکيون هيون ۽ ڪابه پهر ڪانه هئي. اهو حال ڏسي ٻهراڙيءَ جو ڪُئو ڏاڍو سَرهو ٿيو.

تڏهين شهر جو ڪُئو چوڻ لڳس ته، "ادا، اوهين هاڻي اندر هلي ويهو، آءٌ اوهان کي هڪڙي هڪڙي شئي ڏيندو ٿو وڃان، چکندا مون کي ان جو سواد ٻڌائيندا وڃجو!". پوءِ شهري ڪُئو اتي جيڪي ميوا، مٺايون ۽ ٻيون سٺيون شيون موجود هيون، انهن مان هڪڙي هڪڙي شئي آڻي ڏيندو ويس ۽ ٻهراڙيءَ جو ڪُئو، جنهن ڀلا اڳ ۾ اهڙا مال مليدا ڪاڏا ئي نه هجن، سو انهن شين جي واکاڻ ڪندي ڍاپي ئي ڪونه پيو!

اچا اهي ڪاڏي جي خوشيءَ ۾ مستيون

ڪري ٽينگ ٽپا ڏيئي رهيا هئا، تہ اوچتو ڪنهن
رڏڻي جو در پٽيو، ان جو ڪڙڪو ٻڌي ٻئي ڇٽا
ٽپڪ ٽپڪ ڪري ڪنهن ڪنڊ ۾ وڃي لڪا.
تنهن وچ ۾ هڪڙا بہ ٿلها متارا ٻلا بہ اتي اچي
نڪتا، تن اچي جو ميائون ميائون ڪئي تہ
ٻهراڙيءَ جي ڪُئي جي دل زور زور سان ڌڪ
ڌڪ ڪرڻ لڳي. پوءِ آهستي آهستي شهري ڪُئي
ڏانهن وات ڪري ڪيس ڪَن ۾ چوڻ لڳو تہ،
"ادا، جي اِهو تنهنجي شهر جو سک آهي، تہ پوءِ
اهو توکي ئي نيبهہ هجي. اسان لاءِ اِها پنهنجي
ٻهراڙي چڱي آهي. اتي جي پوکن جا سنگ مون
لاءِ بس آهن. شهر ۾ رات ڏينهن پنهنجو ساهہ
هيبت ۾ وجهي هي ميوا مٺايون کائڻ مون کي نہ
ٿو وڻي!"
ائين چئي، شهري ڪُئي کان تڙ تڪڙ ۾

موڪلائي ويچارو ٻهراڙيءَ جو ڪُئو ٻلن کان جان
بچائيندو، لڪندو ڇپندو، ڪنڊون پاسا وٺي ٻاهر
نڪتو ۽ جيسين پنهنجي ٻهراڙيءَ واري گهر ۾ نہ
اچي پهتو، تيسين سک ئي ڪونہ آيس!

گلاب جهڙا ڇوڪرا



هڪ دفعي جي ڳالهه آهي، تہ ڪنهن شهر ۾ هڪڙي پوڙهي مائي رهندي هئي. هوءَ هڪ ننڍڙي جهوپڙيءَ جهڙي گهر ۾ رهندي هئي، جنهن جي اڳيان هڪ نهايت سهڻو باغ تهيل هو. هِن جو مڙس گذاري ويو هو ۽ ڪيس ڪوبہ ٻار ڪونہ هو.

پوڙهي مائي پنهنجي گهر کي نهايت صاف سٿرو رکندي هئي. هوءَ باغ جي بہ نهايت سهڻي نموني سارسنڀال لهندي هئي. هن باغ ۾ هر قسم جا سهڻا سهڻا گُل ٻُوٽا پوکيا هئا. هوءَ پنهنجي واندڪائيءَ جو سمورو وقت باغ جي سار سنڀال ۾ ئي گذاريندي هئي. پر اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ جي باوجود بہ هوءَ خوش نہ هئي، ڇاڪاڻ تہ پاڻ اڪيلي هوندي هئي ۽ ساڻس ڳالهائڻ ۽ ڪل ڀوڳ ڪرڻ وارو ڪو وڏو يا ٻار ڪونہ هوندو هو.

هڪ ڏينهن هوءَ پنهنجي باغ جي ڪنڊ ۾ ويٺي، اڪيلائيءَ جو سوچي هنجون هاري رهي هئي تہ اتان هڪ پري اُڏامندي اچي لنگهي. هن کي ڏسي هيٺ لهي آئي. ”تون ڇو روئي رهي آهين....؟ مون کي ٻڌاءِ، آءٌ تنهنجي ڪهڙي مدد ڪري سگهان ٿي؟“ پريءَ هن کان پڇيو. پوڙهي مائيءَ ڪنڌ ڪٽي ڏٺو تہ هڪ نهايت خوبصورت پري سندس سامهون بيٺي هئي. پهريائين تہ هوءَ پاڻ بہ ڇرڪي پيئي، پر پوءِ دل جهلي ڇيائين تہ،

”آءُ ان ڪري ٿي رُئان جو هتي آءُ اڪيلي ٿي رهان. مون کي ڪوبہ ٻار ٻچو ڪونهي، جنهن سان آءُ رانديون ڪريان، کين آکاڻيون ٻڌايان ۽ سندن پياريون پياريون ٻوليون ٻڌان!“.

”بس ڳالهہ بہ ايتري!“ پريءَ سندس ڳالهہ ٻڌي کلي ڏنو- ”توکي رڳو ٻار ئي کپن يا ٻيو بہ ڪجهہ کپي!“ پريءَ پڇيو. پر پوڙهي مائيءَ ٻي ڪنهن بہ ڳالهہ جي گُهر نہ ڪئي. ان تي پريءَ کيس چيو تہ، ”پياري مائي! تون هيئن ڪر جو پنهنجي باغ مان گلاب جا ڪجهہ گل پَٽي، انهن کي هڪ ٿانوَ ۾ رکي مون کي ڏي، تنهن کانپوءِ تون پَنهنجي گهر جي ڪم ڪار ڪرڻ لاءِ اندر هلي وڃ، اڌ ڪلاڪ کانپوءِ ٻاهر اچي ڏسجئين تہ تنهنجي خواهش پوري ٿي چڪي هوندي!“

پوڙهي مائيءَ ائين ئي ڪيو جيئن پريءَ کيس چيو هو. اڌ ڪلاڪ کانپوءِ جڏهن هوءَ گهر کان ٻاهر نڪتي تہ اهو ڏسي حيران ٿي ويئي، تہ پري وڃي چڪي هُئي؛ پر هن ٻڌو تہ سندس گهر اندران ٻارن جي ڳالهائڻ راند روند ۽ کِل کِل جا آواز اچي رهيا هئا. هوءَ تڪڙ ۾ وري اندر ويئي. اندر ڪي ننڍڙا ٻار هئا، جن مان ڪو ڪمري مان مِٽي ڇنڊي رهيو هو، تہ ڪو پَٽ اُگهي رهيو هو،

تہ ڪو وري ٻُهاري ڏيئي گهر کي صاف سٿرو ڪرڻ ۾ رُڌل هو. اهي ڪم دؤران هڪ ٻئي سان يوڳ چرچا بہ ڪري رهيا هئا ۽ ڏاڍا خوش هُئا. اهو ڏسي اها عورت بہ ڏاڍي خوش ٿي ۽ پوءِ سڀئي گڏجي خوش گذارڻ لڳا. ان ڳالهہ کي ڳچ عرصو گذري ويو. اها پوڙهي مائي ۽ ٻار پاڻ ۾ نهايت خوش گذاري رهيا هئا. هاڻي هوءَ اڪيلي نہ هئي. هڪ ڏينهن انهن مان هڪ ٻار جي هٿ مان صفائي ڪندي ڪو شيشي جو ٿانو ڪري ڀڃي پيو، جنهن تي پوڙهي مائي ڪاوڙجي پيئي. ٻار کي دلداري ڏيڻ بدران، هن لڪڻ کڻي کيس ڪُٽڻ شروع ڪيو. شيشي جو اهو ٿانءُ کيس ڏاڍو پيارو هو. ڪاوڙ مان هِن سيني ٻارن کي اهو بہ ٻڌائي ڇڏيو تہ توهين منهنجا نہ پر ڪنهن پريءَ جا ڏنل ٻار آهيو!.

ٻارن اهو سڀڪجهہ ٻڌو، پر وات مان ڪابہ ورندي نہ ڏني. ان ڏينهن کانپوءِ هنن کِلڻ ڇڏي ڏنو ۽ پوءِ ڪنهن بہ کين مرڪندي نہ ڏٺو. هڪ ڏينهن اها پوڙهي مائي پنهنجي ڪنهن ساهيڙيءَ سان ملڻ ويئي. جڏهن واپس گهر موٽي آئي تہ کيس محسوس ٿيو تہ گهر ۾ تمام گهڻي خاموشي لڳي پيئي آهي. هوءَ حيران بہ ٿي تہ ايترن ٻارن

هوندي، ايتري خاموشي! پوءِ هوءَ ٽڪر ۾ اندر ويئي پر اتي ڪوبہ ٻار موجود نہ هو! هن ڪين سڏ ڪرڻ شروع ڪيا، پر ڪيس ڪو جواب نہ مليو. هن هر ڪنڊ پاسو ڳولي ڏٺو، پر ڪوبہ ٻار ڪيٿ ڏسڻ ۾ نہ آيو. سيئي ٻار گم ٿي چڪا هئا.

ويچاري پوڙهي مائي پريشان ٿي ويئي. هوءَ هڙ ۾ پوڙ مائيءَ جا ٽانوَ ڪٽي جهنگ ۾ نڪري ويئي. ڪيس محسوس ٿيو تہ دير ٿيڻ ڪري ٻارن کي بُک لڳي هوندي. گهڻي ڳولا جي باوجود بہ جڏهن اهي ٻار ڪيس نہ مليا، تہ هوءَ مايوس ٿي گهر موٽي آئي ۽ باغ ۾ ويهي روئڻ لڳي. اوچتو هن ڪنڌ مٿي ڪري ڏٺو تہ باغ ۾ سمورن ٻوٽن ۾ لڳل گلاب جا گل پڻ ڪومائجي چڪا هئا. ڪيس ائين لڳو تہ معصوم گلن جهڙا ٻارڙا بہ ڪانئس ڌار ٿيڻ ڪانپوءِ اداس آهن، پر هن ٻارڙي ڪي هڪ شيشي جي ٽانوَ ڀڃڻ تان جيڪا مارڪُٽَ ڪئي هئي، تنهن سندن شيشي جهڙي دل ڀڃي ڇڏي هُئي ۽ جڏهن هن ڪين اهو ٻڌايو تہ هوءَ سندن ماءُ بہ نہ آهي، تہ اهي ٻار شايد واپس اتي هليا ويا جتان آيا هئا! پوءِ اها ويچاري پوڙهي مائي وري اڪيلي سر باغ ۾ ويهي پنهنجي دل وندرائڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويئي.

لڪل خزانو

ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪ پوڙهو هاري رهندو هو. ڪيس احمد، يوسف ۽ حامد نالي ٽي پُٽ هئا. پوڙهو شخص هڪ نهايت محنتي شخص هو. هو سمورو وقت پنهنجي ٻنيءَ ۾ پورهيو ڪندو هو، پر سندس پُٽَ ڏاڍا سُست هوندا هئا. اهي ڪوبہ ڪم ڪونہ ڪندا هئا.

هو جڏهن بہ پُٽن کي ٻنيءَ ۾ هلي سندس مدد ڪرڻ لاءِ چوندو هو، تہ هر ڪو پُٽ ڪونہ ڪو بهانوڪري ٽاري ويندو هو ۽ ان ڪري اهو پوڙهو هاري پُٽن جي ان حرڪت تي ڏاڍو غمگين گذارڻ لڳو. ڪيس هميشہ اها ڳڻتي هوندي هئي تہ سندس اهي ٽيئي پُٽ جوان ٿيڻ جي باوجود بہ وقت جو قدر نہ ٿا ڪن ۽ ڪنهن بہ ڪم ڪرڻ جي بدران رڳو هيڏانهن هوڏانهن گهمندا ڦرندا ٿا رهن!

هڪ ڏينهن اِهو پوڙهو هاري بيماري تي پيو. سندس بيماري ايتري وڌي ويئي جو هن پاڻ محسوس ڪيو تہ هاڻي بچڻ جو ڪوبہ آسرو ڪونهي. هن پنهنجن ٽنهي پُٽن کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ چيو: ” مون وٽ هڪ نهايت قيمتي خزانو آهي، جيڪو مون توهان ٽنهي لاءِ لڪائي رکيو آهي مون اهو خزانو پنهنجي ٻنيءَ ۾ ڪنهن هنڌ لڪائي ڇڏيو آهي، پر آءٌ اهو ڪونہ ٻڌائيندس تہ اهو ڪهڙي هنڌ لڪل آهي. اهو خزانو توهان

ڪي پاڻ ڳولي هٿ ڪرڻو آهي.

ٻئي ڏينهن پوڙهو هاري گذاري ويو.

سڀ کان وڏي پُٽ جو نالو يوسف هو. هن پنهنجن ننڍن ڀائرن کي گهرائي چيو: ”توهان کي ياد آهي تہ بابا ڇا چيو هو؟ هن پنهنجي ٻنيءَ ۾ ڪو خزانو لڪائي رکيو آهي. اچو تہ هلي اهو ڳوليون.

احمد، تون هيٺن کر جو ٻنيءَ جي پوئين ڇيڙي کان زمين کوٽڻ شروع ڪر! حامد، تون گهر جي ڀر پاسي واري زمين کي کوٽڻ ۾ لڳي وڃ! جڏهن تہ آءٌ وچ واري حصي مان ڪم شروع ڪريان ٿو. تنهن ڪانپوءِ اسان جي ڪوشش سان اهو خزانو اسان کي ملي ويندو، جيڪو بابا اسان جي لاءِ زمين ۾ لڪائي ڇڏيو آهي. خزاني ملڻ ڪانپوءِ عيش تي ويندا ۽ ٻئي ڪنهن ڪم ڪار ڪرڻ کان بہ ڇُٽي پونداسين“.

تنهن ڪانپوءِ ٽيئي ڀائر پنهنجي پنهنجي ڪم کي لڳي ويا. هن سڄو ڏينهن نٽهڻ اُس ۾ ڪم ڪيو. رڳو مَنجهند جو ماني کائڻ لاءِ ڪجهہ وقت ترسيا ۽ پوءِ وري ڪم کي لڳي ويا. هن منجهند جو بہ سڄو وقت ڪم ڪيو ۽ رات جو بہ دير تائين ڪم ڪندا رهيا. ڀهريون ڀيرو ايتري محنت ڪرڻ تي سندن هٿ پير ٿڪجي پيا. بدن تي مٽي لڳي وئي. ڪپڙا ميرا ٿي ويا ۽ بدن مان پگهر جي ڏپ اچڻ لڳي؛ پر خزاني حاصل ڪرڻ جي لالچ ۾ ڪين ڪابہ ڳالهہ، ڪوبہ ٿڪ محسوس ئي نہ ٿيو! پر گهڻي ڪوشش جي باوجود ڪين خزانو هٿ اچي نہ سگهيو! نيٺ هو ٿڪجي ٽٽجي ٻئي ڏينهن ڪم جو سوچي سمهي رهيا. سخت ٿڪ جي ڪري ڪين ان رات ڏاڍي سٺي ننڊ آئي ۽ سڄي رات اهي خزاني حاصل ڪرڻ جا خواب ڏسندا رهيا. صبح جو سوير هو وري اٿي ڪڙا ٿيا، پر سندن ٽنگن، ٻانهن ۾ سور ٿي پيو. ڀلا هنن سموري زندگي ۾ ڪڏهن بہ ڪو ڪم ڪيو هجي، تہ ڪين ان ڪم جو قدر ٿئي! پر لالچ بُري بلا آهي. ايتري ٿڪ جي باوجود بہ خزاني جي لالچ ڪين وري ڪم ڪرڻ تي هِرڪايو ۽ اهي ٽيڪم ۽ ڪوڏرون کڻي وري ڪم کي لڳي ويا.

اِهو ٻيو ڏينهن بہ ٽيئي ڀائر سخت اُس ۾ سڄو ڏينهن ڪم ڪندا رهيا. سندن هٿن ۾ لڦون پئجي ويون ۽ سڄو بت سور کان ٽٽڻ لڳو، پر هنن آرام نہ ڪيو. خزاني جي لالچ ڪين آرام کان روڪيو پئي. سندن خواهش هئي تہ جيترو جلد ٿئي خزاني کي ڳولي وٺجي.

هنن ڪالهہ کان بہ وڌيڪ اونهائيءَ ۾ زمين کي کوٽيو، پر وري بہ ڪين ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيو! پوڙهي الائجي ڪيتري اونهائيءَ ۾ خزانو لڪايو هو! ڏينهن لڙي ويو، سانجهي ٿي وئي ،ٽيئي ڀائر ٻنيءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ اچي ويٺا ۽ پاڻ ۾ چوڻ لڳا تہ، بابا اسان سان ڪوڙ تہ نہ ڳالهايو هوندو! پر هن الائجي ڪيترو اونهو اهو خزانو زمين ۾ پوريو آهي، جو اڃا بہ نہ ٿو لڀي! شايد بابا کي ڏپ هو تہ متان ايترو مٿي پورڻ سان ڪي چور نہ کڻي وڃن! بابا کي اسان جو ڪيڏو نہ خيال هو! اهو سوچي اهي وري ڪم کي جنبي ويا. ايستائين جو رات جي اونداهي ٿي ويئي ۽ ٿڪ سبب سندن

جسم جو ذرو ذرو سور ڪرڻ لڳو. پوءِ ٽنهي ڀائرن ڪم بند ڪيو. اڄ بہ خزانو نہ ملڻ تي ڪين مايوسي ٿي. سڄي ڏينهن جي محنت جو بہ ڪو نتيجو نہ نڪتو. رات جو ماني ڪائي وري سمهي پيا ۽ صبح جو اٿڻ شرط وري خزاني جي ڳولا ۾ زمين کوٽڻ ۾ لڳي ويا.

ائين هنن سڄو هفتو ڏينهن رات ڪم ڪيو؛ پر وريو سريو ڪجهہ بہ ڪونہ! هنن زمين جو ذرو ذرو کوٽي وڌو. خزاني جي ڳولا ۾ تمام گهٽي اونهائيءَ ۾ زمين کوٽي وڌائون. سڄي هفتي جي ڪوشش کانپوءِ جڏهن ڪجهہ نہ مليو، تہ ٽيئي ڀائر مايوس ٿيڻ سان گڏ ڪاوڙجي بہ پيا.

نيٺ حامد چيو: اسان خزاني جي ڳولا ۾ سموري زمين کوٽي ورتي، پر ڪجهہ بہ هٿ حاصل نہ ٿيو، ائين ٿو لڳي تہ بابا زمين ۾ خزانو پوريو ئي ڪونہ هو! هن رڳو اسان کان زمين کوٽائڻ ٿي چاهي. واقعي اسان اها زمين ايتري کوٽي ورتي آهي، جو ان ۾ جيڪڏهن هاڻي ڪو ٻج پوکيون تہ اهو تمام ڀلو فصل ڏيندو، پوءِ هنن ان ڏس ۾ پنهنجي دوستن يارن سان صلاح ڪئي ۽ زمين ۾ ڪڻڪ جو فصل پوکيائون. پنهنجي محنت سان کوٽيل زمين تي ڪين فصل جي سار سنڀال لهڻ تي بہ دل ٿي. جڏهن لاباري جو وقت آيو تہ فصل تمام ڀلو ٿيو. ڪين فصل جي وڪري تي تمام گهڻي رقم حاصل ٿي.

اهي پنهنجي محنت جو ڦل حاصل ڪري تمام گهڻو خوش ٿيا.

پوءِ ڪين احساس ٿيو تہ سندن پيءُ ڪين جيڪو خزانو ڏسيو هو، اهو ڪهڙو هو؟ هن سندن سُستي ۽ لاپرواهي ختم ڪرڻ لاءِ خزاني جي لالچ ۾ پورهئي ڪرڻ جو سبق ڏنو هو. زمين ۾ لڪل خزانو اهو فصل هو، جيڪو سندن سخت پورهئي

ڪانپوءِ نيٽ کين هٿ اچي ويو. پوءِ کين احساس ٿيو تہ اصل خزانو سون، هيرا جواهر، نہ پر اها عزت ۽ سڪون آهي، جيڪو پنهنجي محنت جيِ پورهئي مان حاصل ٿئي ٿو!

ان ڏينهن کانپوءِ اهي پنهنجي مرحوم پيءُ کي دعائون ڪندا هئا، جنهن پنهنجي ڏاهپ سان کين پورهئي ڪرڻ تي هيرايو. ان ڏينهن کان وٺي هنن زمين تي محنت شروع ڪئي ۽ ڪجهہ ئي سالن کانپوءِ علائقي جا وڏا زميندار ٿي ويا.

مائي جهرڪي ۽ ڪانگ خان



هڪڙي هئي مائي جهرڪي ۽ هڪڙو هو ڪانگ خان. مائي جهرڪي ميڻ جي گهر ۾ رهندي هئي ۽ ڪانگ خان لوڻ مان ٺهيل گهر ۾ رهندو هو.

هڪ ڏينهن مائي جهرڪي ڪاڏي جي ڳولا ۾ ٻاهر نڪتي ۽ چانورن ۽ دال جا ڪجھ داڻا ميڙي آئي، پوءِ هن ڪچڙي ٺاهي. جڏهن ڪچڙي تهي تيار ٿي تہ مائي جهرڪيءَ کي ياد آيو تہ مار، مون ان ۾ لوڻ تہ وڌو ئي ڪونہ آهي! هن وٽ لُوڻ تہ هو ئي ڪونہ. هن سوچيو تہ ڪانگ جو تہ سڄو گهر لوڻ جو ٺهيل آهي، سو ڇو نہ ان کان ٿورو لوڻ اُڌارو وٺي اچان. سو مائي جهرڪي ڪانگ خانَ کان لُوڻ وٺڻ لاءِ رواني ٿي.

مائي جهرڪيءَ جڏهن ڪانگ خان کان لوڻ گهريو تہ ڪانگ خان ڇوڻ لڳو: "ادي جهرڪي، ڇو تي مون سان چرچا ڪرين؟ يلا آءٌ توکي ٿورو لوڻ ڏيڻ لاءِ ڪو پنهنجو سڄو گهر خراب ڪندس ڇا؟ ڪنهن ٻئي هنڌ وڃي لُوڻ جي ڳولا ڪر. ائين چئي ڪانگ خان پنهنجي گهر جو دروازو زور سان بند ڪيو ۽ ويچاري جهرڪي پنهنجي گهر موٽي آئي ۽ بنا لُوڻ جي ڦِڪي ڪچڙي کائي پنهنجو پيٽ ڀريائين.



پوءِ خبر اٿوَ ڇا ٿيو؟ هڪڙي ڏينهن ڏاڍي تيز برسات پيئي ۽ سخت طوفان لڳو. ڪانگ خان جو گهر ته لوڻ جو ٺهيل هو، سو برسات جي زور دار پاڻيءَ ۾ وهي ويو ۽ هوڏانهن مائي جهرڪيءَ جو گهر جيڪو ميڻ مان ٺهيل هو، تنهن کي ڪجهه به نه ٿيو ۽ اهو صحيح سلامت بيٺو رهيو.

هوڏانهن مائي جهرڪي، جيڪا پنهنجي گهر جي دريءَ مان برسات جو نظارو ڏسي رهي هئي، تنهن ڏٺو ته ويچارو ڪانگ خان ٻاهر برسات ۾ پُسي رهيو آهي. کيس ڏاڍو رحم آيو ۽ ڪانگ خان کي سڏ ڪيائين ته اچي سندس گهر ۾ رهي.

ڪانگ خان به ڏٺو ته برسات کان بچڻ جو اهو هڪڙو ئي ذريعو آهي، سو شرم کان ڪنڌ هيٺ ڪري جهرڪيءَ جي گهر ۾ هليو آيو. مائي جِهرڪيءَ کيس رهڻ لاءِ هڪ ڪمرو ڏنو ۽ سيءَ کان بچڻ لاءِ کيس گرم گرم چانهه تيار ڪري پياري. پوءِ مائي جِهرڪيءَ ڪانگ کي چيو ته، ”ادا ڪانگ، تنهنجي ڪمري سان گڏ جيڪو ٻيو ننڍڙو ڪمرو آهي، ان ۾ منهنجا پستا ۽ بادام پيا آهن. اهي مهرباني ڪري نه کائجانءِ؛ ڇاڪاڻ ته اهي مون ڏاڍي محنت سان آئيءَ ويل لاءِ گڏ ڪري رکيا اهن.

ڪانگ خان کيس پَڪَ ڏياري ته سندس پستا بادام ڪونه کائيندو. اهو ٻڌي مائي جِهرڪيءَ کي به ويساهه اچي ويو. هوءَ واپس پنهنجي ڪمري ۾ موٽي آئي ۽ آرام سان سمهي رهي.

رات جو اوچتو ”ڪٽر – ڪٽر“ جي آواز سان مائي جِهرڪيءَ جي اک کُلي پيئي. هن ڪن ڏيئي ٻڌو ته اهو آواز ڪانگ خان جي ڪمري مان اچي رهيو هو. هوءَ يڪدم اٿي ۽ ڪانگ خان جي ڪمري ڏانهن ويئي، جيڪو اندران بند ڪريو وينو هو. مائي جِهرڪيءَ در تي ٺڪ ٺڪ ڪندي پڇيو: ”ادا ڪانگ، هي آواز ڇا جو هو؟ ڪٿي



تون مون وارا پستا بادام تہ ڪونہ پيو کائين؟."

ڪانگ خان جواب ڏنو: "ادي جهرڪي، يلا آءٌ ائين چو ڪندس! تو رهڻ لاءِ جاءِ ڏيئي مون تي جيڪو احسان ڪيو آهي، ان جو بدلو اهو تہ ڪونہ ڏيندو، جو آءٌ تنهنجا پستا بادام ڪائي وڃان!".

مائي جهرڪيءَ وري پڇيو: "تہ پوءِ ڪٽر ڪٽر جو آواز ڇا جو هو؟"

ڪانگ خان چيو: "ادي جِهرڪي، مون کي برسات ۾ پُسڻ ڪري سخت سيءُ پئي لڳو، ان ۾ منهنجا ڏند پئي وڄيا، جنهنڪري اهو آواز پئي ٿيو! تون ڪوبہ ڊپ نہ ڪر ۽ آرام سان وڃي سمهي رهو!"

ويچاري مائي جِهرڪي وري بہ ڪانگ خان جي ڳالهہ ۾ اچي ويئي ۽ واپس پنهنجي ڪمري ۾ موٽي وڃي سمهي رهي.

صبح جو جڏهن سندس اک کلي، تہ هن وري ڪانگ خان کي نيرن جي مانيءَ ڏيڻ لاءِ هن جي ڪمري جو در کڙڪايو، تہ اتان ڪوبہ جواب نہ آيو. جڏهن گهڻي دير ٿي تہ جهرڪيءَ دريءَ مان ليئو پائي ڏٺو تہ ڪانگ خان پَٽ تي مئو پيو هو.

ٻارو، توهان کي خبر آهي تہ ڪانگ خان ڪيئن مئو؟

اصل ۾ ڳالهہ اها هئي جو رات ڪانگ خان لالچ ۾ اچي مائي جِهرڪيءَ جا لڪايل پستا بادام کائي ڇڏيا. تڙ تڪڙ ۾ کيس اها خبر ئي ڪونہ پيئي تہ برسات سبب اهي خراب ٿي چڪا آهن. پستا بادام کائڻ سبب اچي سندس پيٽ ۾ سور پيو ۽ ٿڪي ٽٽي مري ويو. ائين کيس پنهنجي لالچ ۽ احسان فراموشيءَ جي سزا اتي جو اتي ملي ويئي ۽ ويچاري مائي جهرڪيءَ جي جان بہ بچي ويئي! ڇاڪاڻ تہ سندس نيت صاف هئي ۽ هن نيڪيءَ جو ڪم ڪيو هو. ان ڪري تہ چوندا آهن تہ ڪر ڀلو تہ ٿئي ڀلو.



نِت وڏن جو چيو مڃجي!

گهڻن ڏينهن جي ڳالهہ اهي، ڪنهن درياءَ جي ڪناري تي هڪ بدڪ رهندي هئي، جنهن جا چار ننڍڙا پتڪڙا ٻچا بہ هئا. اها بدڪ روزانو انهن کي درياءَ تي سير ڪرائڻ لاءِ وٺي ويندي هئي ۽ کين ترڻ سيکاريندي هئي.

هڪ ڏينهن ٿيو، جو اها بدڪ ويچاري بيمار ٿي پيئي ۽ ان ڏينهن ٻچن کي درياءَ جي سير ڪرائڻ لاءِ وٺي وڃڻ جهڙي ڪونہ هئي. اهو ڏسي سندس ٻچن ضد ڪرڻ شروع ڪيو تہ اهي اڪيلا ئي سير ڪرڻ ۽ درياءَ ۾ ترڻ ويندا. ٻچن جي ضد اڳيان ويچاري بدڪ نيٺ مجبور ٿي پيئي ۽ هن ٻچن کي وڃڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏي پر کين اها بہ هدايت ڪيائين تہ اهي گهڻو پري نہ وڃن ۽ درياءَ جي ڪناري ڀرسان ئي ترندا رهن. هن کين اهو بہ چيو تہ دير ڪرڻ بدران جلدي گهر موٽي اچن.

ٻچن چيو "امان ٺيڪ آهي، اسين ائين ئي ڪنداسين." پوءِ بدڪ جا اهي چار ئي ٻچا خوش ٿيندا، ٽپا ڏيندا، درياءَ ڏانهن روانا ٿيا. اتي پهچي پاڻيءَ ۾ گهڙي پيا ۽ ترڻ لڳا.

ترندي ترندي، بدڪ جي صفا ننڍي ۽ سيني کان پتڪڙي ٻچي سوچيو تہ، ڇو نہ آءٌ اڄ ٻين ڀائرن کان نظر بچائي درياءَ ۾ اڳتي وڌي گهمي اچان. هن دل ۾ سوچيو تہ جلدي موٽي ايندس تہ ڪنهن کي بہ منهنجي انهيءَ حرڪت جي خبر ڪانہ پوندي.

هو هن کان اڳ بہ ائين سوچيندو رهندو هو، پر پنهنجي ماءُ جي ڊپ کان اڳتي نہ ويندو هو. سو هنيئر هن سوچيو تہ هاڻي هي سٺو موقعو آهي تہ پنهنجي خواهش پوري ڪري وٺان. اهو سوچي بس هن يڪدم پاڻيءَ ۾ ٽٻي هنئي. ائين ڪندي کيس ڏاڍو مزو آيو. جڏهن هو دل کولي وهنجي چڪو ۽ درياءَ بہ گهمي ورتائين تہ اوچتو کيس واپس موٽڻ جو خيال آيو پر هاڻي هن ۾

واپس موٽڻ جي سگهه ئي نه رهي هئي. ڇاڪاڻ ته هڪ ته هو گهڻو پري نڪري آيو هو، ٻي ڳالهه اها ته هو ڪافي ٿڪجي به چڪو هو. ايتري ۾ پاڻيءَ جو وهڪرو به وڌي ويو.

اڃا هو انهيءَ ٻُڌتر ۾ هو ته پاڻيءَ جي هڪ تيز لهر آئي ۽ ڪيس اڃا به پري ڌڪي ويئي. هاڻي ته هو ڏاڍو پريشان ٿيو ۽ زور زور سان روئڻ لڳو پر ڀلا اُتي ڪير هو، جيڪو سندس روئڻ ڪي ٻڌي، هن جي مدد ڪري! درياءَ جي ڪناري تي سَرن ۽ ڪانهن جا ٻوڙا هئا. هن ڇا ڪيو جو ٻوڙن ڪي مضبوطيءَ سان پنهنجي چهنب ۾ جهليائين ۽ ائين وڌيڪ پري وڃڻ کان بچي ويو. ڪيس هاڻي خيال اچي رهيو هو ته جيڪڏهن هو پنهنجي ماءُ جو چيو مڃي ها، ته جيڪر سندس اهو حال نه ٿئي ها! اهو سوچي هو وڌيڪ روئڻ لڳو. ٿوري دير ڪانپوءِ ڪيس پنهنجي پرسان "مياڻون. مياڻون" جو آواز ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳو. ٻهرين ته بدڪ جو ٻچو اهو آواز ٻڌي ڏڃي ويو، پر پوءِ دل جهلي ٻليءَ کي سڏ ڪرڻ لڳو ته، "ماسي ٻلي، ماسي ٻلي، مهرباني ڪري مون کي پاڻيءَ مان ٻاهر ڪڍ"!

ٻليءَ جڏهن بدڪ جي ٻچي کي ڏٺو ته سندس وات ۾ پاڻي ڀرجي آيو. هوءَ اڳ ۾ ئي ٻن ڏينهن جي بکايل هئي، سو هن سوچيو ته واهه جي ڳالهه ٿي- بدڪ جي ٻچي کي پاڻيءَ مان ڪڍي کائي وٺان ته ڏاڍو مزو ايندو.

ٻليءَ چيس ته، "ٺيڪ آهي، آءٌ توکي هتان ته ڪڍان ٿي، پر ان جي بدران توکي، مون کي پنهنجو مزيدار گوشت کارائڻو پوندو؛ ڇاڪاڻ ته آءٌ ٻن ڏينهن کان بکايل آهيان."

هاڻي ته بدڪ جي ٻچي جون وڌيڪ وايون ٻتال ٿي ويون. هو پريشان ٿي ويو ۽ زور زور سان روئي چوڻ لڳو ته: "ماسي ٻلي، مون کي کائڻ سان تنهنجو پيٽ بلڪل ڪونه ڀربو. مون کي ڇڏي ڏي ته آءٌ سڄي زندگي تنهنجو اهو احسان ياد رکندس". پر ٻليءَ سندس چيو نه مڃيو. بدڪ جي ٻچي سوچيو ته جيڪڏهن ٻلي هلي ويئي ته هو ائين ئي ٻوڙن ۾ لٽڪندي سيءَ ۾ سُڪي مري ويندو. اوچتو ڪيس هڪ اٽڪل سُجهي آئي- هن چيو ته: "ماسي ٻلي، ٺيڪ آهي، توکي جيئن کپي تيئن ڪجئين، پر ٻهرين مون کي هن مصيبت مان ته ٻاهر ڪڍ."

ٻلي اهو ٻڌي ڏاڍي خوش ٿي ۽ ٻدڪ جي ٻچي کي پاڻيءَ مان ٻاهر ڪڍي آئي. ٻليءَ کي ٻدڪ جو ٻچو کائڻ جي هٻڇ لڳي پيئي هئي. ان تي ٻدڪ جي ٻچي ٻليءَ کي چيو ته، "ماسي ٻلي، ٿورو صبر ڪر، پاڻيءَ ۾ رهڻ سبب منهنجا پر پُسيا پيا آهن، تنهنڪري جيڪڏهن تون مونکي هينئر کائيندئين ته منهنجا آلا پر تنهنجي وات تي چمنبڙي پوندا!" ٻليءَ چيو: "ٺيڪ آهي، جيئن ته اها تنهنجي آخري خواهش آهي، تنهنڪري آءٌ انتظار ڪريان ٿي."

هاڻي ٻدڪ جو ٻچو پنهنجا پَر سڪائڻ لڳو. پَر سڪائيندي اوچتو ئي اوچتو هو هڪ پاسي ڊوڙڻ لڳو ۽ سامهون هڪ گهاٽي جهنگ ۾ گهڙي گم ٿي ويو. ٻلي ٻه هن جي پويان ڀڳي، پر ان کان اڳ ۾ ئي ٻدڪ جو ٻچو غائب ٿي ويو. ٻلي ڪيتري دير تائين سندس انتظار ڪندي رهي ۽ آخر ٿڪجي ۽ مايوس ٿي واپس موٽي ويئي.

هوڏانهن ٻدڪ جي ٻچي کي ڏاڍو ڊپ لڳي رهيو هو. هاڻي کيس پنهنجي ماءُ ڏاڍو ياد اچي رهي هئي. ماءُ کي ياد ڪندي ئي سندس اکين مان ڏک کان لڙڪ وهڻ لڳا. هن دل ئي دل ۾ سوچيو ته مون ڪانسواءِ اما ڏاڍي پريشان هوندي ۽ اما ۽ منهنجي ڀائرن الائجي ڪٿي ڪٿي مون کي ڳوليو هوندو. مون اما جو چيو نه مڃي واقعي وڏي غلطي ڪئي آهي. پوءِ هن نهايت ڏک سان آسمان ڏانهن نهاريو ۽ پنهنجي ننڍڙي چنهب مٿي ڪٽي چوڻ لڳو: "الله سائين، مون کي معاف ڪر، جو مون اما جو چيو نه مڃيو. هاڻي مهرباني ڪري مون کي پنهنجي گهر پهچائڻ جو وسيلو پيدا ڪر، ته جيئن سيني جي پريشاني ختم ٿئي. آءٌ هاڻي پڪو واعدو ٿو ڪريان ته آئينده ڪڏهن به ماءُ جو چيو نه موٽائيندس. هوءَ جيئن چوندي تيئن ئي ڪندس!". ائين دعا گهرندي گهرندي کيس ننڊ وٺي ويئي.

صبح جو وڃي اک کليس ته کيس وري گهر ياد اچڻ لڳو. هوڏانهن کيس اهو به ڊپ هو ته ماسي ٻلي وري نه موٽي اچي! ڊپ ئي ڊپ ۾ هو درياءَ جي ڪناري ڪناري ڊوڙڻ لڳو. تما گهڻو ڊوڙڻ ڪانپوءِ آخر کيس پريان پنهنجو گهر نظر اچڻ لڳو. هو ويجهو پهتو ته هن ڏٺو ته سندس ماءُ ۽ ڀائر گهر اڳيان ويڳاڻا ٿيا ويٺا آهن. هن هڪ وڻ جي پٺيان لڪي ڏٺو ته اهي سڀ روئي رهيا هئا.

هو سمجهي ويو تہ اهي سڀ سندس گم ٿيڻ سبب پريشان آهن. اهو ڏسي ڪانئس رهيو نہ ٿيو ۽ "اما اما" چوندو ڊوڙندو اچي ماءُ جي پيرن تي ڪريو.

سندس ماءُ ۽ ڀائر ڪيس پنهنجي اڳيان ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا. ماءُ ڪيس ڏسي خوشيءَ مان رئندي ڪيس ڀاڪر پاتو. پوءِ بدڪ جي ٻچي پنهنجي نافرمانيءَ تي ماءُ ۽ ڀائرن کان هٿ ٻڌي معافي گهري جن ڪيس معاف ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ هو وري ساڳئي نموني خوش گذارڻ لڳا.

ٻارو! توهان بہ جڏهن ائين ڪندا آهيو تہ سدائين پنهنجن وڏن جو چيو مڃڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ اهي جيڪي چوندا آهن، اهو صحيح هوندو آهي ۽ اهي ڪڏهن بہ پنهنجي اولاد جي برائي نہ چاهيندا آهن!.



پولڙا ۽ چنڊ

هڪڙي ٽڪريءَ تي ڪجھ پولڙا رهندا هئا. هڪ ڏينهن جڏهن چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي رهيو هو، پولڙا چانڊوڪيءَ ۾ راند ڪيڏڻ لاءِ ٽڪريءَ تان هيٺ لهي آيا. هو هيڏانهن هوڏانهن ٽپا ڏيندا رهيا. ائين ڪندي کين ڏاڍو مزو اچي رهيو هو.

ائين ڪندي هڪ ننڍڙي پولڙي هڪ وڏي وڻ ڀرسان هڪ کوھ ڏٺو. هو کوھ جي پڳھ تي چڙهي ويهي رهيو ۽ جڏهن کوھ ۾ اندر جهاتي پائي ڏٺائين ته حيران ٿي ويو.

”اڙي، کوھ ۾ ته هڪ چمڪندڙ گول مٽول چنڊ پيو آهي!“

اهو ڏسي ويچارو ننڍڙو پٽڪڙو پولڙو گهبرائجي ويو ۽ حيران پريشان ٿي رڙيون ڪرڻ لڳو. ”بچايو - بچايو، کوھ ۾ چنڊ ڪري پيو آهي!“

سندس وڏي ڀاءُ جڏهن ننڍڙي پولڙي جون رڙيون ٻڌيون ته ڊوڙندو وٽس آيو. هن به کوھ ۾ جهاتي پائي ڏٺو ته سچ پچ هڪ وڏو گول مٽول چند کوھ جي تري ۾ پيو هو. اهو ڏسي هن به وٺي رڙيون ڪيون ۽ ٻين پولڙن کي به اورتي سڏڻ لڳو.

انهن پولڙن ۾ هڪ پوڙهو پولڙو به هو. ان جڏهن اها ڳالھ ٻڌي ته اهو به ڊوڙندو اتي آيو. هن به کوھ ۾ جهاتي پائي ڏٺي.

بيشڪ چنڊ اتي ڪريو پيو هو.

پوڙهي پولڙي سمورن پولڙن کي سڏي هڪ هنڌ ويهاريو ۽ چوڻ لڳو: ”ساٿيو، هڪ تمام خراب ڳالھ ٿي پيئي آهي. چنڊ آسمان مان ڪري اچي کوھ ۾ پيو آهي. اسان کي ان جي مدد

ڪرڻ گهرجي ۽ ان کي يڪدم اتان ڪڍڻ گهرجي!"

تنهن ڪانپوءِ سڀئي پولڙا گڏجي چنڊ کي کوهه جي تري مان ڪڍڻ لاءِ سوچڻ لڳا.

هڪ پولڙو چوڻ لڳو: "اچو ته اسين سڀ هن پر واري وڻ تي چڙهي وڃون ۽ هڪ ٻئي کي جهلي کوهه ۾ اندر لٽڪي پئون. اهڙي نموني اسين چنڊ کي کوهه مان ٻاهر ڪڍي وٺنداسين."

ٻين پولڙن کي به اها صلاح وڻي. تنهن ڪانپوءِ سڀئي واري واري سان ان وڻ تي چڙهي ويا ۽ هڪ ٻئي جون ٽنگون ۽ ٻانهون جهلي هيٺ کوهه ڏانهن لٽڪندا ويا. اهڙي ريت سمورن پولڙن کوهه جي اندر پاڻيءَ جي سطح تائين هڪ زنجير ٺاهي ورتي.

ننڍڙو پولڙو سڀني کان آخر ۾ لٽڪيل هو. ٻين پولڙن سندس خوشيءَ سان پريل آواز ٻڌو. "نيڪ آهي. هاڻي آءٌ چنڊ تائين پهچي ويو آهيان."

ننڍڙي پولڙي چنڊ کي پڪڙڻ لاءِ پاڻي ڏانهن هٿ وڌايو، پر ان جي مُٺ ۾ رڳو پاڻي ئي آيو. هو جڏهن اڃا ٿورو هيٺ پاڻيءَ ۾ گهڙيو ۽ چنڊ کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪيائين، ته ننڍيون ننڍيون لهرون دائرو ٺاهينديون چئني پاسي پکڙجي ويون ۽ چنڊ، ٽڪرا ٽڪرا ٿي پاڻيءَ ۾ وهڻ لڳو.

اهو ڏسي ننڍڙو پولڙو ڊڄي ويو. سندس اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا. دل ۾ چيائين: "ڳالهه ته ڏاڍي خراب ٿي! چنڊ ته مون کان ڀڄي پيو!"

جڏهن اها خبر ٻين پولڙن کي پيئي ته انهن کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. چيائون: "توکان اهو ڪم به نه ٿي سگهيو! تو ته هٿي مورڳوئي چنڊ کي ڀڃي وڌو. پولڙا اڃا ننڍي پولڙي کي دڙڪا ئي ڏيئي رهيا هئا، ته پاڻي وري ماٺو ٿي ويو ۽ گول چمڪندڙ چنڊ اڳي وانگر وري پاڻيءَ ۾ صحيح

سلامت ڏيکائي ڏيڻ لڳو. اهو ڏسي ننڍڙي پولڙي خوشيءَ مان رڙ ڪئي. ”ساٿيو، پريشان نه ٿيو، ٿُل چنڊ وري نهي ويو آهي!“.

ٻين پولڙن جو اهو ٻڌو ته اهي به خوش ٿي ويا. ننڍڙي پولڙي وري به چنڊ کي پڪڙڻ لاءِ هٿ ڊگهو ڪيو، پر هن پيري به سندس هٿ ۾ چنڊ بدران پاڻيءَ ڍُڪ ئي اچي سگهيو. هو وري وري چنڊ کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو، پر چنڊ سندس هٿ نه چڙهيو. نيٺ هو ٿڪجي پيو. هن مٿين پولڙن ڏانهن منهن ڪري چيو: ”پائرو، هاڻي ته آءُ به پريشان ٿي پيو آهيان. چنڊ ته هٿ لڳائيندي ئي ٽڪرا ٽڪرا ٿيو وڃي. ائين ته آءُ ڪيس ڪڏهن به ٻاهر ڪڍي نه سگهندس!“

ننڍڙي پولڙي اهو چيو ته مٿي وارا وڏا پولڙا به شڪايت ڪرڻ لڳا.

هڪڙي چيو: ”منهنجا پير به سور ڪرڻ لڳا آهن. آءُ به هاڻي گهڻو وقت لٽڪي نه ٿو سگهان!“

ٻئي چيو ”منهنجا به هٿ ٿڪجي پيا آهن. آءُ هاڻي توهان کي وڌيڪ وقت پڪڙي لٽڪي نٿو سگهان!“.

ايتري ۾ هڪ پولڙي جي نظر مٿي آسمان تي پئجي ويئي. گول گول چمڪندڙ چوڏهينءَ جو چنڊ آسمان تي خاموشيءَ سان مُرڪي رهيو هو.

هن ٻين پولڙن کي چيو: ”چا توهان کي مٿي آسمان ۾ چنڊ چمڪندو نظر نه ٿو اچي!. کوهه ۾ ته ان جو اولڙو آهي. بيوقوفو مٿي اچو ۽ اچي چنڊ کي ڏسو!

اهو ٻڌندي ئي ننڍيو پولڙو، وڏو پولڙو ۽ ٻيا سمورا پولڙا مٿي چڙهي آيا ۽ پنهنجي بيوقوفيءَ تي کلڻ لڳا، تنهن ڪانپوءِ هو سڀ مٿي ٽڪريءَ تي چڙهي ويا ۽ چنڊ کي ڏسي هڪ ٻئي سان چرچا گهيا ڪرڻ لڳا.

”... جيڪڏهن توکي بہ پنهنجو نالو قائم دائم رکڻو آهي، تہ پوءِ نيڪي ڪر! جنهن سان ٽي سگهي، تنهن سان ڀلائي ڪر. پنهنجو نالو ڪاغذن، پٿرن، وڻن ۽ پنن تي نہ لک، پر ماڻهن جي دلين تي لک. ڪاغذ ڦاٽي پوندا، پٿر ڀُري ويندا، پنيون ڏهي ويندون، پر انسانن جي دلين تي چٽيل نالو قيامت تائين قائم رهندو. جيڪي چڱا ڪم ڪندا آهن، تن جو نالو ڪڏهن بہ وسرڻ جهڙو نہ هوندو آهي. نالو نيڪي ۽ ڀلائي ڪرڻ سان ئي قائم رهندو.“

(”مائي جهرڪي ۽ ڪانگ خان“ ۾ آيل
”نالو قائم ڪيئن رکجي“ ڪهاڻي مان ڪنيل)

ISBN 969-405-040-5

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪانُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنىٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَــنَ) ڪا ٻ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو ٻ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو ٻ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ٻِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيلا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ ٻہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ ٻہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصِي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي ٻہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو ٻہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو ٻہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن ٻہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
ڄئن ڄئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم ـ گولو، جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۾ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٽَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي پنهنجو حق، فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
ـ اياز (ڪي جو ٻيجل ٻوليو)